

Gul Hayat Institute

# شاهہ جا سُر

ليکڪ: محراب سِنڌي

# سر ڪاموڏ

شاهه جي رسالي ۾ موجود هڪ سر ڪاموڏ ڪامودا جو بگڙيل روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي (ڪام يا پريم وهيٽي) .ڪامودا، ديپڪ جي پنجن زالن مان هڪ آهي ۽ سمپورڻ راڳڻي آهي ۽ بنپهرن جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ شاهه لطيف ڄام تماچيء جو ذڪر ڪيو آهي. هن سر ۾ وصل جي ميناج جي وائي آهي. شاهه سائين جي نظر ۾ نوريء جو سياء ليلا ۽ مومل جي سيائن جي بلڪل ابتڙ آهي، جڏهن شاهه سائين جي ٽن سورمين مومل.ليلا ۽ نوري جي سيرتن جي ڀيٽ ڪجي ٿي تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته، جيڪي ليلا ۽ مومل ۾ نه هو، سو نوريء ۾ موجود هو، مومل ۽ ليلا جيان نوريء به وڏن نصيبن واري هئي، جو محبوب جي ميلاپ جو معراج ماڻيائين. ليلا- چنيسر جي پٽ راڻي هئي، ته نوريء وري ڄام تماچيء جي پٽ راڻي هئي، پر نوري، ليلا وانگر خوشيء جي آغوش ۾ رهي ڦونڊ ۽ فخر ۾ نه پري،مهاڻيء جي من ۾ نه گيرب، نه گاء هو هڪ غريب مهاڻيء ڪي ڄام تماچيء جهڙو حاڪم پنهنجي جيء ۾ جاء ڏئي، سو هن لاء بيشڪ فخر جو باعث هو، شاهه سائين نوري جي نياز نوڙت ڪي سر ڪاموڏ جي هينين شعرن ۾ ڪجهه هيئن بيان ڪيو آ .

تون سمو، آء گندري، مون ۾ عَيبن جوء.
پسي راڻين روء، متان ماڳر متئين!

نوري ٿي چوي ته: تون سمو سردار آهين ۽ مان گندري ذات جي مهاڻي آهيان ۽ مون ۾ اوڻاين جو ماڳ آهي. تون راڻين جو منهن ڏسي، متان مون ماڳر ذات جي مهاڻيء ڪان منهنڙو مٽين .!متئين بيت ۾ ته نوري ڄام تماچي ڪي پنهنجي نياز نوڙت سان پاڻ ڪي گهٽ ذات واري مهاڻي سڏائي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري ٿي. پر نوري صرف پاڻ ڪي سڪيو ڏسڻ جي خواهش نٿي رکي. نوري ڪي پنهنجن اباڻن جو به الڪو آهي. ۽ هينين بيت ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو ته ڪيئن نه نوري پنهنجي نياز

Gul Hayat Institute

نوڙت ۾ راڻي هجڻ جو فائدو وٺندي ڪينجهر جي مهاڻن تان محصول معاف ڪرائي ٿي.

توں تماچي تڙ ڏٽي، آء گندري غريب،
تو سين ڄام! قريب ڪي ڏن ڇڏائي ڏيچ مون.

توں تماچي حاڪم آهين ۽ بند جو والي آهين ۽ مان گندري ذات جي مسڪين مهاڻي آهيان. اي ڄام! مان تنهنجي سڱائتي آهيان، جنهن ڪري تون منهنجن مائٽن کي سموري محصول کان معافي ڏيئي ڇڏ .سمي سردار (ڄام تماچي) نوري جي عشق ۾ نہ صرف انهن جي مائٽن جو محصول معاف ڪيو پر سيني ڪارين ڪوجهين مهاڻين جا ماڻا بہ سنا جنهن جي نشاندهي شاه سائين هن ريت ڪري ٿو

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نہ موچاريون؛
وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪکيءَ جون ڪاريون؛
انين جون آريون، سمي ري ڪير سهي!

مهاڻيون رنگ جون ڪاريون، شڪل ۾ بدزيبيون ۽ هرگز پوريون ناهن. هو واٽ تي مڇيءَ سان ڀريل ٽوڪريون رکيون، وڪري لاءِ ويٺيون آهن. اُنهن جا ماڻا، سمي سردار (ڄام تماچيءَ) کان سواءِ ٻيو ڪير برداشت ڪندو؟ .سر ڪاموڏ جي هڪ بيت ۾ ئي شاه سائين ڄام تماچي جو مهاڻن تي مهربان ٿيڻ جو ڪارڻ حضرت عشق کي ڄاڻائيندي سڄو ڪريڊٽ نوري جي حسن کي ڏيندي فرمائي ٿو تہ.

ڪو جو ڪامڻُ مَي، آهي اکڙِيُنِ ۾؛
تَنُ تَماچِي ڄامَ جو، نايُون پايو ني؛
عِشقُ اِئَن ڪَري،جِئَن ڄارو ڄامَ ڪُلهي ڪَيو.

مهاڻيءَ (نوريءَ) جي نيڻن ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو ڄام تماچيءَ جي جسم کي ڄڻ نيزن تي ڪنيو تي وٺي. اها ڪرامت عشق ئو ڪري، جو ڄام تماچيءَ جهڙو راجا، مهاڻن جي ڄار ڪلهي تي ئو کڻي .ڪينجهر متعلق مقامي طور تي هڪ عام روايت آ تہ ڪينجهر ۾ سونهري هڪ ٻئي جي پر ۾ بہ ڍنڍون هيون . انهن ڍنڍن جي نالن بابت هڪ روايت آهي تہ ڪينجهر هڪ مهاڻو هو ۽ سونل سندس زال هئي، ٻنهي ڍنڍن تي اهي نالا بہ انهن تان پيا آهن . اها بہ هڪ مڪاني روايت آهي تہ ميربحرن

Gul Hayat Institute

جو گندرا قبيلو ٻہ ڪينجهر ۽ سونل جو اولاد آهي .سر ڪاموڏ ۾ شاهہ سائين ڪينجهر جي خوبصورتي کي هنين لفظن ۾ بيان ڪيو آ.

هيٺ جر مٿي مجر پاسي ۾ وڻراهہ.
اچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ.
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

هيٺ پاڻي مٿي وڻن جا خوبصورت گل ۽ پاسي ۾ وڻڪار جي خوبصورت منظر ۾ جڏهن ڄام تماچي جي خوشبوءِ ۽ سواد شامل ٿئي ۽ اُتر جي هير لڳڻ سان، ڪينجهر جو پاڻي هندوري (پينگهي) جيان پيو لڏي يا ڪينجهر تي هلندڙ ٻيڙي هندوري وانگر پيئي لڏي يا ڪٿي ائين چئجي تہ اتر جي واءُ لڳڻ سان ڪينجهر جنت مثل بڻجي وڃي ٿو هيٺ جر، مٿي مجر، ڪنڌيءَ ڪونر ترن، ورئي واهوندن ڪينجهر ڪٿوري ٿئي. هيٺ پاڻي مٿي ڪنڌي جا خوبصورت گل ۽ ڪينجهر ڪپ تي سهڻا گل ترن ۽ پوئين سياري جا دلفريب هوائون لڳن تڏهن ڪينجهر ڪٿوري جيان مهڪيو پوي.

Gul Hayat Institute

# سر گهاتو

گهاتو لفظ جي لغوي معنيٰ آهي: ”مڇي مار“. سنڌيءَ ۾ ان جو مطلب آهي: ”تاڪ ۾ ويٺل شڪاري“ يا ”سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ ٽوٻو“. شاهه لطيف جي سُر گهاتوءَ ۾ مورڙي ميربحر جي بهادري ۽ شجاعت جو ذڪر آهي. هن سر ۾ دنيا کي مها ساگر جي صورت ڏني وئي آهي ۽ ان جي خوف ۽ خطرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مورڙو ۽ سندس ڇهه ڀائر ڪلاچي ]هاڻوڪي ڪراچي[ جي سمنڊ ۾ وڏي مهارت ۽ فن سان مڇيءَ جا شڪاري هئا، جڏهن ”ڪلاچي جي ڪن“ تي مانگر مڇن قبضو ڪري، مهاڻن جي معاشي وسيلن تي وار ڪيو ته، انهيءَ قبضي کي ڇڏائڻ لاءِ ”مورڙي“ جا ڇهه ڀائر مانگر مڇ سان بهادريءَ سان مقابلو ڪندي مارجي وڃن ٿا. انتقام جي باهه مورڙي کي سمهڻ نٿي ڏي، جيتوڻيڪ هو هڪ ڏٻرو ۽ معذور انسان هو، پر ”رٿابندي“ ڪري نيٺ انهيءَ مانگر مڇ سان مهاڏو اٽڪائي، ان کي ماري ڀائرن جو بدلو وٺي ٿو ۽ ڪاميابي ماڻي ٿو. شاهه لطيف علامتي طور ان قصي کي ڳاتو آهي .شاهه لطيف سرڪار جي شاعريءَ ۾ همت جو سڀ کان وڏو پيغام سر گهاتو ۾ ملي ٿو، جتي هڪ معذور مورڙي پنهنجي ڀائرن جو هڪ وڏي مانگر مڇ کان اڪيلو ٿي پلاند وررتو توڙي جو مورڙو معذور هو پر همت نه هاريائين سر گهاتو ته آهي ئي سموري مورڙي جي ڪوشش ۽ سندس ڀائرن جي بيدردانه قتل جو داستان، واڳون جي بيرحمي جو ذڪر، شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ اهڙي ته سني طريقي سان ڪيو آهي جو سمورو داستان انهن بيتن مان جهاتيون پائيندي نظر اچي ٿو. جيئن ته

گهوريندي گهور پيا اگهور گهوريائون،
”ميڪرُ“ماريائون، ملاحن مُنهن سنرا !

سر گهاتو جي داستان پهرين ۾ شاهه سائين ڀائرن جي دير ڪرڻ سبب مورڙي جا خدشا ڪجهه هيئن بيان ڪيا آهن.

Gul Hayat Institute

**ڪالهه ڪَلاچِيءَ ويا، چِتِيُون ڪٽي ڇُڳيرَ؛**
**پائِرَنِ پيرو نہ ڪَيو، اَدَنِ ڪِي اَويرَ؛**
**اهڙِي خاصِي ڪيرَ، ڪُنَّ ورائي جَهلِي**

اها تہ هئي سمنڊ جي ڪن جي ڳالهہ پر اڄڪلهہ ڪلاچي شهر ڏرتي ڏٽين لاءِ ڪُن مثل بڻجي ويو آهي،جتي ڪڏهن ٻوري بند لاش ملن ٿا تہ ڪڏهن ٽارگيٽ ڪلرز هٿان معصوم ماريا وڃن ٿا،روزي لاءِ نڪتل پورهيتن جي وارثن ڪي بہ اهڙو ئي اوسيئڙو رهي ٿو جهڙو مورڙي کي پائرن جو ڪن تان دير ڪرڻ جو اوسيئڙو بيان ڪيو آ.

Gul Hayat Institute

# سر ڪيڏارو

ڪيڏارو معنیٰ ”جنگ جو ميدان“ ۽ برصغير ۾ ڪيڏارو/ڪيڏار هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا موسيقيءَ جي چند ڄاڻن چواڻي ڪلياڻ ناٽ ۾ شمار ٿئي ٿي. هن سر ۾ ميدان جنگ ۽ اتان جي حالات واقعن جو بيان اهڙي ته انداز سان ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪر اکين اڳيان ٿيندو هجي؛ ظاهر آهي ته منظرنگاري هن جو خاص جز آهي .ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ موجب: ”ڪيڏارو سنسڪرت لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهنجي معنیٰ آهي ’جنگ جو ميدان‘. هندستاني گوئين موجب ’ڪيداري‘ هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀارياڻن (زالن) مان هڪ آهي. شاهه لطيف جي سر ڪيڏاري جو شمار رزميه شاعريءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو، هن سر ۾ شاهه لطيف ڪربلا جي شهيدن جي همٿ، شجاعت ۽ بهادريءَ کي بيان ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ سُر ڪيڏارو ٻن ٽن خاص حوالن سان چيو ويو آهي، هڪ: ڪربلا جو واقعو؛ ٻيو: ڪرڙيءَ جي جنگ جو احوال، ٽيون شاهه عنات جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو. ’ڪرڙيءَ جي جنگ‘ ميرن ۽ شاهه شجاع الملڪ جي وچ ۾ سکر جي ڀر ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان تي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا جوڌا پنهنجون چيلهون هڪٻئي سان ٻڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ لڙيا ۽ ڪافي شهيد ٿي ويا؛ جن جي جوانمردي ۽ شهادت جو احوال خليفي نبي بخش لغاريءَ پنهنجي ڪلام ۾ سُر ڪيڏاري جي نالي سان ڪيو آهي. باقي سنڌ جي اڪثر شاعرن جي سر ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي حوالي سان شاعري ڪئي آهي. صوفي صادق فقير ۽ شاهه عنات شهيد سلسلي جي شاعرن ’جهوڪ واري واقعي/ميرانپور جي معرڪي‘ تي به ڪيڏارو چيو آهي. جديد شاعرن ۾ استاد بخاري، راشد مورائي ۽ خاڪي جويي وغيره سنڌ جي سورهين ۽ قومي واقعن تي ”جديد ڪيڏارا“ لکيا آهن.

سر ڪيڏاري جي پهرين داستان ۾ شاهه سائين محرم مهيني اچڻ سان امامن کي ياد ڪندي فرمائي ٿو.

مُحَرَمَ موٽي آئيو، آئيا تان نه اِمامَ؛
مَدِيني جا ڄامَ مؤلا، مُون کي ميڙِئين!

Gul Hayat Institute

محرم جو مهينو موٽي آيو، پر امام واپس نہ وريا. اي الله! شل مون کي مديني جي ميرن سان ملائين !وري پھرين ئي سر ۾ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو سَخِتِي شَهادَتَ جِي، نِسورو ئِي نازُ؛ رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيي کَربَلا جو .شهادت جي سختي، حقيقت محبوب (ڏٽيءَ) جي طرفان هڪ خالص ناز هو. ڪربلا جي واقعي جي ڳجهارت، ڪي ڪامل عارف ئي پروڙي سگهندا .داستان ٻئي جي هڪ بيت ۾ ڪربلا جي سورهن جي تعريف ڪندي فرمائن ٿا.

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوان؛
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرٿِليا آسمانَ؛
ڪَرِهِ هُئِي ڪَان، هو نَظارو نِينهَن جو.

هي ڪامل ۽ زبردست سورهہ ڪربلا ۾ آيا. زمين ڌٻي، لرزش ۾ آئي آسمان ڏڏيا. هيءَ ڪا معمولي جنگ نہ هئي، پر الاهي محبت جو ڪرشمو هو .هڪ شعر ۾ شاهہ سائين سورهن جي ساراهہ ڪندي انهن جون نشانيون ٻڌائيندي فرمائي ٿو

هٽَڻَ، هَڪِلَڻُ، ٻيلِي سارَڻُ؛ مانجهيان اِيُ مَرَ ڪُ؛
وِجَهنِ تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

ڌڪ هڻڻ، گهوڙن کي هڪلڻ ۽ ساٿين جي سار لهڻ، اهو سورهن جو مرڪ آهي. اُهي رڪ جي بازيءَ (رڪ جي هٿيارن سان لڙائيءَ) ۾ تر جيترو بہ ويچو نہ ٿا وجهن. (هو ساندهہ لڙندا ٿا رهن.) هڪ شعر ۾ سرفروش سورهن جون نشانيون ٻڌائيندي فرمائن ٿا.

ڪِلِي ويرَ ڪَٽَڪَ ۾، پاڳر جو پائي؛
اَجا اُنَ کي جِئڻَ جو، آسانگو آهي؛
سُورِهُ سو چائي، جو رُڳوئِي رِڻِ ڳھڙي.

Gul Hayat Institute

جنگ جي وقت لشڪر ۾ جو زرهہ تہ پائي تنهن کي اجان جيئڻ سان نينهن آهي. پاڻ کي سورمو اُهو سڏائي، جو سڪٽو ئي ويڙهہ ۾ ڪاهي پوي .اڳتي هلي مرشد لطيف سورمن کي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو

سُورِهَا! مَرِين سوبَ کي، تہ دِلِ جا وَهمَ وِسارِ؛
هَڻُ ڀالا، وِڙِهُ ياڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍارِ؛

مَٿان تيغَ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.

اي سورھہ! جي سوڀ لاءِ ٿو تڙپين تہ دل مان سڀ وسوسا ڪڍي ڇڏ. ڀالا ھڻ ۽ دشمن کي ٻڪ وجهي، ساٽس وڙھہ ۽ پنھنجي اڳيان ڍال نہ جھل. تون دشمن جي ترار مٿان پنھنجي ترار ڦھڪائي ھڻ تہ سورمو ڳڻجڻ ۾ اچين. (تون پنھنجو بچاءُ ڍال سان نہ ڪر پر ترار سان ڪر.) شاھ سائين ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي سورمن تي تہ جيترو ڪجھہ لکيو آ تنھن تي تبصري لاء ھڪ وڏو ڪتاب لکجي بہ گھٽ آھي. شاھ سائين جو سر ڪيڏارو ڪربلا جو تہ نوحو آھي پر ھي سر ان سورھہ لاء اتساھ آھي جيڪي حق جي پاسي آھن ۽ باطل سان برسر پيڪار آھن. مرشد لطيف نہ صرف سورھين کي ميدان ۾ سرفروشي سان وڙھڻ جي ترڪيب ڏئي ٿو پر انھن سورھن جي ونين جي ارادن ۽ جذباتن کان بہ سٺي ريت واقف آھي جيڪي پنھنجن ورن پٽارن کي پٺي ڏيئي ڀڄڻ بدران سامھون وڙھي منھن ۽ سيني تي زخم کائيندڙن تي سرھيون ٿين ٿيون ۽ انھن جي زخمن تي ٺڪور ڪندي فخر سان ڳاٽ اوچو ڪن ٿيو انجي پيٽ ۾ پٺي تي گھاو کائيندڙن جون ونيون لڄ ۾ سرتين اڳيان ڪنڌ ڪٽڻ جھڙيون ئي ٿيون رھن. ڀڳو' آئُون نہ چَوان، 'مارِيو'، تہ وِسَھان، ڪانڌَ مُنھَن ۾ ڌَڪَڙا، سيڪِيندي سُونھان، تہ پڻ لَڄَ مَران، جي ھُوَنِسِ پُٺِ ۾.

# سر ڪنيات

سر ڪنيات شاهه جي رسالي ۾ ترتيب جي حساب سان ٽيون سر آهي. هن سُر تي هي نالو راڳ ”ڪماچ“ تان پيو آهي. جيڪو ڪماچ ٺاٺ جو کاڏو سمپورن راڳ آهي. هن راڳ جي ”آروهي“ يعني ته چڙهڻ ۾ ڇهه سر، سا، گ، م، پ، ڌ، ني لڳندا آهن ۽ ريکب سر ڪونه لڳندو ۽ لهڻ ۾ ست ئي سر لڳندا. چڙهڻ ۾ کرج يعني سا، ”شڌ“ گندار يعني گا، ”تيور“، مڌم يعني ما، ”ڪومل“، پا يعني پنچم، ”شڌ“، ڌا يعني ڌيوت ”تيور“ ۽ ني يعني نکاد ڪومل تيور ٻئي لڳندا ۽ لهڻ ۾ نکاد ”ڪومل“ ڌبوت ”تيور“، پنچم، ”شڌ“، مڌم ”ڪومل“، گندار ”تيور“، ريکب، ”تيور“ ۽ کرج ”شڌ“ لڳندو .چون ٿا ته اهو نالو هن سُر تي انڪري پيو آهي، جو گجرات جي ڪنيات شهر جي هڪ مشهور گويي ان کي رچيو هو. هي سر رات جو ڌهين وڳي ڳائبو آهي. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو پيو پهر آهي. سنڌيءَ ۾ هن راڳ کي ڪنيات چوندا آهن، جنهن جي شڪل پڻ لڳ ڀڳ اهائي ساڳي بيهي ٿي. جيئن ته سوراشٽر گجرات ۾ ڪڇ جي نار تي ڪنيات نالي شهر هو. اُن ڪري هن سر جي مضمون مان لڳي ٿو ته ان سان ڪو مشهور عشقيه داستان لاڳاپيل هو، جيڪو داستان لطيف سائين جن پنهنجي ڪڇ ۽ گجرات واري سير، سفر واري وقت ٻڌو هوندو جيڪو پوءِ شعر ۾ قلم بند ڪيو هوندائون .هن سُر جو مضمون ٻن نمونن جو آهي: عاشقاڻو ۽ اخلاقي.

شاهه سائين پنهنجي پرينءَ جي سونهن جي ساراهه ڪندي محبوب کي چنڊ جي سونهن کان مٿي ثابت ڪيو اٿس.۽ سر ڪيات جي هڪ بيت ۾ چنڊ سان مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا.

چوڏهِينءَ چَنڊَ! تون اُپرين، سَهسين ڪَرِئين سينگار،
پَلڪ پريان جي نه پڙين، جي حيلن ڪَرئين هزار،
جهڙو تون سَڀ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

اڳتي هلي پرين جي وصل ۾ سج ۽ چنڊ جي روشني کي سڄڻ بغير اونداهي ڀائيندي چون ٿا

سهسين سِجَنِ اُڀري، چوراسي چندنِ،

Gul Hayat Institute

اڳتي هلي اٺ کي محبت جي ميخ لڳڻ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو تہ اٺ کي عشق جو ڪان لڳڻ بعد نہ وڳ سان وجي ٿو نہ ئي چري ٿو.

اُٺُ نہ وڃي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو،
لَڳيس نائُڪ نيڻهن جي، نيهوڙيو نانگو،
ڇَڏي سِر سانگو، رِڙهي رند پِرينِ جي.

سر کنڀات ۾ نہ صرف عاشقاڻو احوال آ پر اخلاق جا اهڃاڻ انن جي خصلتن جا مثال ڏيندي بهترين مثالن وسيلي سمجهائن ٿا. "سُر کنڀات" کي غور سان پڙهنداسين ته ان ۾ اُٺن جا بہ ڪيترائي نالا ملندا، جيڪي سندن عمر، قد، نسل ۽ رنگ جي بنياد تي ڪتب آندا اٿس .جيئن: ڏاگهو، چانگو، توڏو، موڏو، روڏو، ٻُورُ، ليڙو (ڪول واهہ ديس جي اُٺن جو نالو)، ڪَرَهو، پالهہ (ٻن ٿوهن وارو اُٺ جو آڳاٽي زماني ۾ سنڌ ۾ به موجود هيا)، ٻُودو، ٻوتو، مَيو، ٻعير، ڪَنواٺ، اُٺ، وَڳُ ۽ سنگر وغيره اچي وڃن ٿا.

Gul Hayat Institute